# اسلام زندگي گزارڻ جو مڪمل طريقو آهي

**4-October-2018**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اسلام زندگي گزارڻ جو مڪمل طريقو آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ جَنَّت نشان آهي: جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرو دُرُود شريف پڙهندو اهو ان وَقت تائين نہ مرندو جيستائين جَنَّت ۾ پنهنجو مَقام نہ ڏسي وٺي.** (الترغيب والترهيب، كتاب الذكر والدعاء ،الترغيب في اكثارالصلاة علي النبي،٢/ ٣٢٦، حديث: ٢٥٩٠)

وہ تو نِہایت سَستا سودا بیچ رہے ہیں جَنَّت کا ہم مُفلِس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون**

نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”اسلام زندگي گزارڻ جو مڪمل طريقو آهي“ هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين ته اسلام عورتن تي ڪهڙا ڪهڙا احسان ڪيا آهن، هن بابت دورِ فاروقي جو هڪ دلچسپ واقعو به بيان ڪيو ويندو، اسلام والدين جي حوالي سان اسان کي ڪهڙي تعليمات ارشاد فرمائي آهي، هن باري ۾ ڪجھ مدني گل به ٻڌنداسين. پاڙيسرين جا حق بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ ان بابت 3 حديث سڳوريون به بيان ڪيون وينديون، حضرت سَيِّدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پاڙيسرين سان ڪهڙي طرح جو سلوڪ ڪندا هئا، ان جون ڪجھ جهلڪيون به بيان ڪيون وينديون. تجارتي معاملات کي درست طريقي سان سرانجام ڏيڻ بابت اسلامي تعليمات

۽ بزرگن جي واپار جون ڪجھ جھلڪيون بہ بيان ڪيون وينديون. اللّٰہ ڪري تہ دِلجمعي سان اسان اوّل تان آخر سنئين نيتن سان بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اِسلام (Islam) هڪ امن پسند، سچو، پيارو، ڪامل ۽ اڪمل، انتهائي تيزي سان پکڙجندڙ عالمگير مذهب آهي، اسلام اهو واحد مذهب آهي جو جنهن جي مڃيندڙن ۽ چاهيندڙن جو تعداد سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي، اسلام پنهنجي لاجواب خوبين جي سبب هميشہ هر دور ۾ غالب ٿي رهيو، ڪڏهن مغلوب نہ ٿيو، نہ ٿيندو، اسلام ۾ ديني، دنياوي، اُخروي، اخلاقي، ظاهري، باطني، گهريلو، خانداني، معاشرتي ۽ معاشي بلڪ هر اعتبار سان زندگي جي سيني شعبن سان وابستہ ماڻهن جي لاءِ بهترين اُصول ۽ قاعدا ۽ شاندار هدايتون موجود آهن. جيڪي هن حقيقت کي ثابت ڪن ٿا تہ ”اسلام زندگي گزارڻ جو مڪمل طريقو آهي“. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صرف اسلام ئي اللّٰہ پاڪ جو پسنديده دين آهي، جيئن

سيپاري 6 سورة المائدة جي آيت نمبر 3 ۾ ربّ ڪريم جو فرمانِ حقيقت بنياد آهي:

اَلۡیَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِیۡنَكُمۡ وَ اَتۡمَمۡتُ عَلَیۡكُمۡ نِعۡمَتِیۡ وَ رَضِیۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِیۡنًا ؕ (پ٦،المآئدة:٣)

**ترجموڪنزالايمان:** اڄ مان توهان جي واسطي توهان جو دِين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجِي نعمت پُوري ڪئِي ۽ توهان جي واسطي اِسلام کي دِين پسند ڪيو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دينِ اسلام عورتن جي حوالي سان ڪوڙ حق بيان ڪيا آهن ۽ انهن کي معاشري ۾ اهو مقام ۽ مرتبو بخشيو آهي جنهن انسانيت جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪري ڇڏيو. اچو! عورتن جي باري ۾ اسلام جي عطا

ڪيل حسين تعليمات جي هڪ روشن مثال ملاحظ ڪريون ٿا تہ جيئن اسان کي بہ هن ڳالھ جو ڪامل يقين حاصل ٿي وڃي تہ بِلا شُبہ "اسلام زندگي گزارڻ جو مڪمل طريقو آهي"، جيئن

## فاروقِ اعظم جو بهترين جواب

تَنبِيہ الغَافِلِين ۾ آهي تہ هڪ شخص اميرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي شڪايت ڪٽڻ اچي رهيو هو. جڏهن هو سندن دروازي تي پهتو تہ سندن جي گهرواريءَ اُمّ ڪلثوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي ناراضي جي عالم ۾ گفتگو ڪندي ٻڌو. هو شخص اهو چوندي واپس موٽي ويو تہ مان تہ پنهنجي زال جي شڪايت ڪرڻ جي ارادي سان انهن وٽ آيو هئس (پر) اهو ئي معاملو تہ خود انهن سان بہ آهي (تنهنڪري هي ڪيئن منهنجو مسئلو حل ڪري سگهندا؟). اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان کي گهرايو ۽ اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو. ان عرض ڪيو: مان تہ اوهان جي بارگاهہ ۾ پنهنجي زال جي شڪايت ڪرڻ جي ارادي سان آيو هئس، پوءِ جڏهن مون (اوهان جي باري ۾) اوهان جي زوجہ محترمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي گفتگو ٻڌي تہ (مايوس ٿي) واپس موٽي ويس. اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان کي ارشاد فرمايو: منهنجي گهرواري جا مون تي ڪجھ حق (Rights) آهن (يعني مون کي ان مان ڪجھ فائدا حاصل ٿيندا آهن) جنهن جي ڪري مان ان کان درگذر ڪندو آهيان: (1) هوءَ منهنجي لاءِ جهنم کان ديوار آهي، ان جي سبب منهنجو دل حرام کان بچيو رهندو آهي (يعني مان ان جي ذريعي نفساني خواهش جي تسڪين ڪري وٺندو آهيان ۽ ائين حرام ڪمن کان بچي ويندو آهيان). (2) جڏهن مان پنهنجي گهران باهر ويندو آهيان تہ هوءَ منهنجي خزانچي ۽ منهنجي مال جي نگهبان بڻجي ويندي آهي.(3) منهنجي ڌوبڻ آهي، منهنجي لاءِ ڪپڙا ڌوئيندي آهي. (4) منهنجي ٻار جي پرورش ڪندي آهي ۽ (5) منهنجي لاءِ ماني ۽ ڪاڌو پچائيندي آهي. اهو ٻڌي ان شخص چيو تہ بيشڪ مون کي بہ پنهنجي زال کان اهي ئي فائدا

حاصل ٿيندا آهن جيڪي اوهان کي حاصل آهن، پر مون ان سان ڪڏهن به درگذر کان ڪم ناهي ورتو، تنهنڪري هاڻي مان به درگذر سان ڪم وٺندس.
(تنبيه الغافلين، باب حق المرأة علي الزوج،ص٢٨٠)

بنا دو صبر و رضا کا پیکر، بنوں خوش اخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت، نبیّ رحمت شفیع امّت

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! پڙهو اوهان! اسلام عورتن جي حقن جو ڪيترو وڏو علمبردار، پيارو ۽ مهذب ترين مذهب آهي ته جيڪو نه صرف هر قسم جي ظلم ۽ زيادتي کان روڪيندو آهي بلڪ پنهنجي مجڻ وارن کي قوتِ برداشت جو به درس ڏيندو آهي جيئن جڏهن هڪ شخص بارگاهه فاروقي ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي شڪايت ڪٽي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ديانت داري جو ثبوت ڏيندي هن معاملي ۾ اسلامي تعليمات کي ان جي اڳيان نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيائون. جيڪو هن ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته اسلام ئي عورت جي عزت ۽ ناموس جو حقيقي پهريدار آهي. ياد رهي! اسلام کان پهريان عورتن جو حال تمام خراب هو، مردن جي نظر ۾ ان کان وڌيڪ عورتن جي ڪا حيثيت ئي نه هئي ته اهي مردن جي نفساني خواهش پوري ڪرڻ جو هڪ ”رانديڪو“ هيون، عورتون ڏينهن رات محنت مزدوري ڪري جيڪو ڪجهه ڪمائينديون هيون، اهو به مردن کي ڏئي ڇڏينديون هيون پر ظالم مرد پوءِ به انهن عورتن جو ڪو قدر نه ڪندا هئا بلڪ جانورن وانگر انهن کي مارڪُٽ ڪندا هئا، ٿوري ٿوري ڳالهه تي عورتن جا ڪن نڪ وغيره عضوا ڪپي ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته قتل به ڪري ڇڏيندا هئا. عرب جا ماڻهو ڇوڪرين کي زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پيءُ جي مرڻ کان بعد ان جا پٽ جهڙي نموني پيءُ جي جائيداد ۽ سامان جا مالڪ ٿي ويندا هئا اهڙي طرح پنهنجي پيءُ جي زالن جا مالڪ بڻجي ويندا هئا ۽ انهن عورتن کي زبردستي ٻانهيون ناهي رکندا هئا، عورتن کي انهن جي ماءُ پيءُ پيڻ يا مڙس جي

وراثت (Inheritance) مان ڪو حصو نہ ملندو هو نہ عورتون ڪنهن شيء جون مالڪ ٿينديون هيون، جڏهن حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خدا پاڪ جي طرفان ”دين اسلام“ ڪٺي تشريف فرما ٿيا تہ سڄي دنيا جي ستايل عورتن جي قسمت جو ستارو چمڪي پيو. اسلام جي بدولت ظالم مردن جي ظلم ۽ ستم سان برباد ٿيل عورتن جو درجو ايتري قدر بلند ۽ بالا ٿي ويو جو ڌيءُ جي صورت ۾ ان کي رحمت قرار ڏنو، ماءُ جي صورت ۾ ان جي قدمن کي جنت جي چائنٺ سان تشبيہ ڏني ۽ معاشري ۾ ان کي اهو عزت ۽ مقام ڏنو جنهن جو ان کان پهريان تصور بہ نہ پيو ڪري سگهجي، عبادات ۽ معاملات بلڪ زندگي (Life) ۽ موت جي هر مرحلي ۽ هر موڙ تي مردن وانگر عورتن جا بہ حق مقرر ٿي ويا، تہ پوءِ عورتن کي بہ مالڪ ٿيڻ جا حق حاصل ٿي ويا، عورتون پنهنجي مهر جي رقم، پنهنجي واپار، پنهنجي جائيدادن جون مالڪ بڻايون ويو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ، پيڻ ڀاءُ اولاد ۽ مڙس جي وراثت جون وارث قرار ڏنيو ويون. (جنتي زيور،ص٣٩ تا٤٢ ملخصاًو ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ پيءُ جي حوالي سان اسلامي رهنمائي جا روشن پهلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ اهي عظيم هستيون آهن جن جو سڀ ڪجهہ انهن جو اولاد هوندو آهي، اولاد چاهي ناڪاره هجي، نافرمان هجي، توڙي جو معذور ئي ڇو نہ هجي پر اهو والدين جي جگر جو ٽڪر هوندو آهي پر افسوس! والدين معاشري جا اهي مجبور ۽ لاچار افراد آهن جو جيڪي هر دور ۾ ظلم ۽ ستم جي چڪي ۾ بُري طرح سان پيسيل نظر اچن ٿا، والِدَين جي سمورن احسانن کي وساري انهن کي هاٽي پنهنجي لاءِ مَعَاذَالله ڪباب ۾ هڏي جيان خيال ڪيو ويندو آهي، والدين سان نوڪرن کان بہ بُرو سُلُوڪ ڪيو ويندو آهي، والدين اولاد جي بهتري جي لاءِ ڪا نصيحت ڪن تہ انهن کي ڪاوڙ سان ڏنو ويندو آهي، انهن کي دڙڪا ڏنا ويندا ۽ طعنا ڏنا ويندا آهن ۽

گهران بي دخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وينديون آهن ايستائين جو معاملات هاڻي هن حد تائين پهچي چڪا آهن جو ڪجهه ملڪن ۾ ته گهرن کان بي دخل ڪيل ۽ اولاد جي ستايل والدين جي سار سنڀار جي لاءِ باقاعده هاڻي اولڊ هاؤسز (Old Houses) قائم آهن جتي انهن ويچارڙن جي سڄي زندگي پنهنجي اولاد جي جدائي جي غم، انهن جي ياد ۾ روئيندي رڙندي گذري ويندي آهي. ياد رهي! اسلام انهن شين جي سختي سان بُرائي بيان ڪري ٿو ، ماءُ پيءُ جي عزت ۽ ناموس ۽ انهن جي حقن جي بجا آوري جي حوالي سان اسلام ۾ وڏيون واضح هدايتون ڪثرت سان موجود آهن، والدين جي حقن جي بجاآوري ۽ انهن جي عزت ۽ ناموس جي تحفظ جي اسلام جيتري قدر ترغيب ۽ تاڪيد ارشاد فرمائي آهي اها غافلن کي بيدار ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي. والدين سان سنو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ربّ ڪريم سيپارو 15، سوره بني اسرائيل، آيت 23 ۽ 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهاپ کي پهچي وڃن ته انهن کي اُف (هون) نه چئجان ۽ نه انهن کي جهڻڪ ۽ انهن سان ڳالهه تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ، نرم دلي سان عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

(پ۱۵، اسراء :۲۳۔۲۴)

شَيخُ الحديث حضرت علامہ مولانا عبد المُصطَفٰي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ماءُ پيءُ جا حق بيان ڪندي لکن ٿا: (1) خبردار خبردار هرگز هرگز پنهنجي ڪنهن قول ۽ فعل سان ماءُ پيءُ کي ڪنهن قسم جي ڪا تڪليف نه ڏيو. توڙي جو ماءُ پيءُ اولاد تي ڪجهه زيادتي به ڪن پر پوءِ به اولاد تي فرض آهي ته اهو هرگز هرگز ڪڏهن به ۽ ڪنهن به حال ۾ ماءُ پيءُ جي دل نه ڏکائي. (2) پنهنجي هر

ڳالھ ۾ پنھنجي ھر عمل سان ماءُ پيءُ جي تعظيم ۽ تڪريم ڪري ۽ ھميشہ انھن جي عزت ۽ حرمت جو خيال رکي. (3) ھر جائز ڪم ۾ ماءُ پيءُ جي حڪمن (Orders) جي فرمانبرداري ڪري. (4) جيڪڏھن ماءُ پيءُ کي ڪا بہ حاجت ھجي تہ جان ۽ مال سان انھن جي خدمت ڪري. (5) جيڪڏھن ماءُ پيءُ پنھنجي ضرورت سبب اولاد جي مال ۽ سامان مان ڪا شيء کڻن تہ خبردار خبردار ھرگز ھرگز برو نہ سمجھو. نہ ناراضگيءِ جو اظھار ڪريو بلڪ اھو سمجھو تہ مان ۽ منھنجو مال سڀ ماءُ پيءُ ئي جو آھي حديث شريف ۾ آھي تہ ڪائنات جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ھڪ شخص کي اھو فرمايائون تہ اَنْتَ وَ مَالُكَ لِاَبِيك يعني تون ۽ تنھنجو مال سڀ تنھنجي پيء جو آھي. (ابن ماجه،كتاب التجارات،باب ماللرجل من مال ولده، ۸۱/۳، حديث: ۲۲۹۲) (6) ماءُ پيءُ جو انتقال ٿي وڃي تہ اولاد تي ماءُ پيءُ جو اھو حق آھي تہ انھن جي لاءِ بخشش جون دعائون ڪندا رھو ۽ پنھنجي نفلي عبادتن ۽ خيرات جو ثواب انھن جي روحن کي پھچائيندا رھو ڪاڌن ۽ مٺائي وغيره تي فاتحہ ڏياري انھن جي روحن کي ايصالِ ثواب ڪندا رھو. (7) ماءُ جي سھيلن ۽ پيءُ جي دوستن ۽ انھن جي ملڻ وارن سان احسان ۽ سنو ورتاؤ ڪندا رھو. (8) ماءُ پيءُ جي ذمي جيڪو قرض ھجي ان کي ادا ڪريو يا جن ڪمن جي اھي وصيت ڪري ويا ھجن، انھن جي وصيتن تي عمل ڪريو. (9) جن ڪمن کان زندگي ۾ ماءُ پيءُ کي تڪليف ٿيندي ھئي انھن جي وفات کان پوءِ بہ انھن ڪمن کي نہ ڪيو ڇوتہ ان سان انھن جي روحن کي تڪليف پھچندي. (10) ڪڏھن ڪڏھن ماءُ پيءُ جي قبرن جي زيارت جي لاءِ بہ ويندا ڪريو. انھن جي مزارن(قبرن) تي فاتحہ پڙھو. سلام ڪريو ۽ انھن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪريو ان سان ماءُ پيءُ جي روحن کي خوشي ٿيندي ۽ فاتحہ جو ثواب ملائڪ نور جي ٿالين ۾ رکي انھن جي اڳيان پيش ڪندا ۽ ماءُ پيءُ خوش ٿي پنھنجي پٽن نياڻين کي دعائون ڏيندا. (جنتي زيور،ص۹۲تا۹۴ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان! اسلام ڪيترو پيارو دين آھي جو جنھن حقيقي معنيٰ ۾ ماءُ پيءُ جي حقن جي حوالي سان ماڻھن ۾ عقل ۽ شعور

بيدار ڪيو، جيڪڏهن اسلام جي جلوه گري نہ ٿئي ها تہ هن عظيم الشان طريقي سان انهن جي حقن جي تحفظ جي پاسداري جو سبق ڪير سيکاري ها؟. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ اسلامي تعليمات کي عملي طور تي اپنائيندي ماءُ پيءُ جي قدر ڪريون، انهن جا حق ادا ڪريون، انهن جي ناراضگيءَ وارن ڪمن کان بچون ۽ انهن جي خدمت کي دنيا ۽ آخرت جي سعادت سمجهون.

الله ڪريم اسان کي والدين جو ادب ۽ احترام بجا آڻڻ ۽ انهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وڏي ڀاءُ جي حوالي سان اسلامي تعليمات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! والدين کان پوءِ ڀيڻ ڀاءُ جو پاڻ ۾ رشتو (Relation) نهايت قريبي شمار ڪيو ويندو آهي، ان ڪري والدين جي مرڻ کان بعد عام طور انهن جي وچ ۾ تعلُّقات خراب ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي تہ پوءِ ڀيڻ ڀاءُ جي وچ ۾ ناراضگين جو دروازو بند ڪرڻ جي لاءِ والدين کان پوءِ گهر جي ياتين مان جنهن شخصيت جي مقام ۽ مرتبي کي اسلام شان ۽ شوڪت سان نوازيو ۽ جنهن جي ادب ۽ احترام جو درس ڏنو آهي اهو آهي وڏو ڀاءُ. وڏي ڀاءُ جي اَهميت کي اُجاگر ڪندي نبي رحمت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: حَقُّ كَبِيْرِ الْاِخْوَةِ عَلٰى صَغِيْرِهِمْ حَقُّ الْوَالِدِ عَلٰى وَلَدِهٖ يعني وڏي ڀاءُ جو حق پنهنجي ننڍن ڀيڻ ڀائرن تي اهڙو آهي جيئن تہ پيءُ جو حق پنهنجي پٽ تي.

(شعب الايمان،باب في برالوالدين، فصل في صلة الرحم، ٢١٠/٦، حديث: ٧٩٢٩)

ياد رکو! وڏي ڀاءُ جي دل ۾ ننڍن ڀيڻ ڀائرن جي لاءِ والد جهڙي شفقت ۽ مَحبّت رکي وئي آهي. وڏو ڀاءُ والد جي موجُودگي ۾ ننڍن جو خيال رکندو آهي، انهن جي ضرورتن کي پُورو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن والد جو شفقت ڀريو سايو

ڪجهي وجي تہ بعد ۾ بہ پنهنجون ذِمّيداريون چڱي طريقي سان نڀائيندو آهي، وڏي ڀاء جا ايترا احسان هن ڳالهہ جي تقاضا ڪن ٿا تہ اسان بہ انهن جو ادب ڪيون، والِدَين جي غيرمَوجُودگي ۾ انهن کي پنهنجي والدين جو مرتبو ڏيون، نہ تہ انهن کي پنهنجو سرپرست سمجهون، انهن جي غيبت، چُغلي ۽ انهن جي باري ۾ بدگمانين کان بچون. حتّي الامکان انهن جي جائز خواهشن ۽ اَحڪامن جي تڪميل ڪيون، هميشہ انهن سان سٺا تعلُّقات قائم رکون ۽ جيڪڏهن ڪڏهن رنجش ٿي وڃي تہ پاڻ وڌي وڏي ڀاءُ کان معافي گهرون ۽ انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿئي ڪوشش ڪيون.

## وڏي ڀاءُ سان سٺو سلوڪ ڪيو

حضرت سَيدُنا جَرِير بن حازِم رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيہ فرمائن ٿا تہ مون هڪ ڀيري خواب ڏٺو تہ منهنجو مٿو منهنجي هٿن ۾ آهي، ان جي تعبير ڄاڻڻ جي لاءِ مون پنهنجو هي خواب حضرت امام اِبْنِ سيرين رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيہ کي ٻڌايو (جيڪي خوابن جو تعبير ٻڌائڻ ۾ ڪافي مهارت رکندا هئا) اُنهن مون کان پڇيو تہ توهان جي والدين مان ڪو زنده آهي؟ مون چيو: جي نہ، تہ اُنهن ارشاد فرمايو: توهان جو ڪو وڏو ڀاءُ آهي ؟ مون چيو: جي ها، پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيہ جن ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو، ان سان سٺو ورتاءُ ڪريو ۽ ان سان تعلق ٽوڙڻ کان پاسو ڪيو. (شعب الايمان،باب في برالوالدين، فصل في صلة الرحم، ٦/٢١٠، رقم: ٧٩٢٨)

بڑے بھائی بہن کا میں کہا مانا کروں ہر دم  کروں ماں باپ کی دن رات خدمت یا رسولَ اللہ

## ننڍن تي شفقت

ياد رکو! اسلام جتي ننڍن کي وڏي ڀاءُ جو ادب ڪرڻ جو درس ڏنو آهي، اتي وڏن کي بہ حڪم ڏنو تہ اهي بہ ننڍن ڀيڻ ڀائرن سان شَفقَت ۽ مَحَبَّت ڀريو ورتاءُ ڪن. اچو! ترغيب لاءِ 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو، جيئن

(1) ارشاد فرمايائون: جنهن جون 3 نياڻيون يا 3 ڀينرون هجن يا 2 نياڻيون يا 2 ڀينرون هجن ۽ اهو انهن سان سٺو سُلوڪ ڪري ۽ انهن جي معاملي ۾

الله پاڪ سان ڏجي تہ ان جي لاءِ جنت آهي. (ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ما جاء في النفقة علي ...الخ، ٣٦٧/٣،حديث: ١٩٢٣)

(2) ارشاد فرمايائون: جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪري، اسان جي وڏن جي عزّت نہ ڪري ۽اسان جو حق نہ سڃاڻي، اهو اسان مان ناهي. (معجم ڪبير،سعيد بن جبير عن ابن عباس،١١/ ٣٥٥، حديث:١٢٢٧٦)

بڑے جتنے بھی ہیں گھر میں اَدب کرتا رہوں سب کا

کروں چھوٹے بہن بھائی پہ شفقت یَارَسُوْلَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رشتيدارن جي حوالي سان اسلامي قانون

منا منا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح گهريلو رشتن جي حوالي سان دينِ اسلام اسان جي تربيت ۽ رهنمائي ڪري ٿو ۽ هڪٻئي جي حقن جي رعايت ڪرڻ جو درس ڏيئي ٿو اهڙي طرح رشتيدارن جي حوالي سان بہ هن مذهب ۾ اسان جي لاءِ رهنما اُصول ۽ قانون موجود آهن.

رشتيدارن سان حُسنِ سلوڪ جي حوالي سان اسلام اسان کي ڪهڙو حڪم فرمائي ٿو ۽ اسان کي انهن سان ڪهڙي طرح جو رويو (Behaviour) رکڻ گهرجي. اچو! ٻڌو ۽ رشتيدارن سان سنو سُلوڪ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو جيئن

سيپارو 4 سورة النسآء جي پهرين آيت سڳوري ۾ ارشادِ رحمٰن آهي:

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَیْكُمْ رَقِیْبًا (پاره:۴، النساء:۱)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو. بيشڪ الله توهان کي هر وقت ڏِسي رهيو آهي.

تفسيرِ نعيمي ۾ هن آيت سڳوري جي تحت لکيل آهي: مُسَلمانن تي

جيئن نماز، روزو، حج، زڪوٰة وغيره ضروري آهي، ائين ئي پنهنجي قرابت دارن جا حق ادا ڪرڻ به نهايت ضروري آهن. وڌيڪ اِرشاد فرمائن ٿا: پنهنجي عزيزن، قريبن سان سٺو سُلُوڪ نهايت ئي مُفيد آهي، دُنيا ۾ به، آخرت ۾ به، ان سان زِندگي، موت، آخرت سڀ سنيلجي ويندي آهي. (تفسيرِ نعيمي، ۴/۴۵٦-۴۵۵ ملتقطاً)

ياد رکو: ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، ناني، چاچو، ڦُڦي،مامو، ماسي وغيره جا حق به آهن. شَيخُ الحديث حضرتِ علاّمہ مَولانا عبدُالمصطفٰي اَعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: رشتن کي ٽوڙڻ حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي،لهٰذا هر مُسَلمان کي هميشہ هن جو خيال رکڻ گهرجي تہ ڪنهن رشتيدار سان تَعَلُّق نہ ٽوڙي بلڪ هميشہ هن ڪوشش ۾ لڳل رهي تہ رشتيدارن سان تَعَلُّق (Relation) قائم رهي ۽ ڪڏهن بہ رشتو نہ ٽُٽي. ڪجهہ ماڻهو اهو چوندا آهن تہ جيڪو رشتيدار اسان سان تَعَلُّق رکندو، اسان بہ ان سان تَعَلُّق رکنداسين ۽ جيڪو اسان کان تعلق ٽوڙيندو، اسان بہ ان سان تعلق ٽوڙينداسين، اهو چوڻ ۽ اهو طريقو بہ اِسلام جي خِلاف آهي. (مزيد فرمائن ٿا:) رشتيدارن سان تَعَلُّق ٽوڙڻ جي هڪ ئي صُورت جائز آهي ۽ اها هي تہ شريعت جي مُعامَلي ۾ تَعَلُّق ٽوڙيو وڃي، مثال طور ڪو رشتيدار ٽوڙي جو ڪيترو ئي قريبي رشتيدار ڇو نہ هجي، جيڪڏهن اهو مُرتَد (يعني اسلام کان ڦري وڃي) يا گمراه ۽ بدِدين ٿي وڃي تہ پوءِ ان سان تَعَلُّق ٽوڙڻ واجب آهي يا ڪوئي رشتيدار ڪنهن گُناهِ ڪبيره ۾ گرِفتار آهي ۽ منع ڪرڻ تي بہ مُڙي نٿو بلڪ پنهنجي ڪبيره گُناه تي ضِد ڪري اڙيل آهي تہ ان سان بہ قطع تَعَلُّق ڪرڻ ضروري آهي، ڇوتہ اُن سان تَعَلُّق رکڻ ۽ تَعاوُن ڪرڻ ڄڻ تہ ان جي ڪبيره گُناهِ ۾ شرڪت ڪرڻ آهي ۽ اهو هر گز هرگز جائز ناهي۔ (بهشت ڪي ڪنجيان، ص١٩٧ ملتقطاً وملخصاً) پر جيڪڏهن اهو ان جي گناه ۾ ڪنهن نموني جي مدد نٿو ڪري ۽ ان جي گناه جي ڪري ان ۾ گناهن جي نحوست پيدا ٿيڻ جو انديشو نہ هجي تہ پوءِ قطع تعلقي ڪرڻ واجب نہ آهي ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ نيڪي جي دعوت ضرور ڏيندو رهي تہ جيئن

هو گناهن ڪان پري رهي. ياد رهي!شريعتِ مطهره سيني جا حق بيان ڪيا آهن پر شريعت جي دائري جي مطابق، والدين هجن يا رشتيدار، پيڻ ڀاءُ هجن يا پاڙيسري هر صورت حقن جي پاسداري انهيءَ صورت ۾ آهي جڏهن اهي شريعت جي عين مطابق هجن، جيڪڏهن والدين يا رشتيدار يا دوست احباب خلافِ شريعت ڪم جو حڪم ڏين ته پوءِ ڪنهن جي اطاعت نه ڪئي ويندي ۽ نه رشتو نڀايو ويندو بلڪ الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪئي ويندي ڇوته الله پاڪ جي نافرماني وارن ڪمن ۾ مخلوق مان ڪنهن جي اطاعت نه ڪئي ويندي. اهو مدني گل اسان کي هر هنڌ پيش نظر رکڻ گهرجي ۽ هر جاءِ تي ان تي عمل پيرا رهڻ ضروري آهي.

## مدني انعامات مان هڪ مدني انعام "گهر درس"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! اسلام نه صرف اسان کي رشتيدارن سان تعلقات مضبوط بڻائڻ جو درس ڏيئي ٿو بلڪ بلاوجه شرعي رشتو ٽوڙڻ کان به سختي سان منع ڪري ٿو. يقيناً اسان کي اسلام سان محبت آهي ۽ اها محبت اسان کان تقاضا ڪري ٿي ته اسان بغير شرعي سبب جي رشتو ٽوڙڻ کان بچون ۽ رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ کي پنهنجو معمول بڻايون. رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جي مدني سوچ حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو مدني انعامات تي عمل ڪندي "گهر درس" ڏيڻ يا ٻڌڻ به آهي. تنهنڪري پنهنجي گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو درسِ فيضانِ سنت ڏيڻ يا ٻڌڻ جي ترڪيب فرمايو، اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي تخريج ڪيل ڪجهه ڪتابن ۽ رسالن ڪان سواءِ ٻين مان درس ڏئي سگهجي ٿو.

اچو ترغيب جي لاءِ گهر درس جي هڪ مدني بهار ٻڌو. جيئن

## گهر درس جي مدني بهار

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو پورو گهر بدمذهبن سان تعلق جي سبب بد

عملي سان گڏو گڏ بدعقيدگي ڏانهن وجي رهيو هو، هڪ ڏينهن اهي سيئي گهروارا ملي ڪري فلمون ڊراما ڏسڻ ۾ مشغول هئا تہ انهن جو سترنهن سالن جو ننڍو ڀاءُ جيڪو دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ لڳو هو، اهو ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي ڪا شيءِ الماڙي مان ڪڍي انهيءَ انداز ۾ واپس موٽيو. ان جي اها عجيب و غريب حرڪت ڏسي ان جو وڏو ڀاءُ غصي ۾ زور سان چوڻ لڳو، ڇا تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو اڄ هي عجيب ٻارن واري حرڪت ڪري رهيون آهين! ننڍو ڀاءُ جواب ڏيندي بغير ٻي ڪمري ۾ هليو ويو. ان جي والده سيني کي ٻڌائڻ لڳي تہ ان مون کي ٻڌايو هو تہ مون قسم کنيو آهي تہ آئنده فلمون ڊراما نہ ڏسندس! ان اسلامي ڀاءُ غصّي جي سبب ننڍي ڀاءُ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. ننڍي ڀاءُ گهر ۾ سيني کي گڏ ڪري فيضانِ سنت جو درس ڏيڻ شروع ڪري ڏنو. پر وڏو ڀاءُ ان درس ۾ نہ ويهندو هو، هڪ ڏينهن اهو بہ ويجهو ٿي ويهي رهيو تہ ٻڌان تہ سهي هي درس ۾ ڇا ٿو ٻڌائي، ان درس ٻڌو تہ تمام سٺو لڳو، تنهنڪري اهو بہ روزانو درس ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو. آهستي آهستي ان جي دل جي ڪاراڻ لهندي وئي، ايستائين جو اهي بہ دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ حاضري ڏيڻ لڳا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ درس جي برڪت سان بدمذهبن جي صحبت کان انهن جي جان ڇُٽي وئي ۽ چهري تي ڏاڙهي بہ سجائي ورتي. پهريان اهي بدعقيده مقررن جون بد عقيده ڪيسٽون شوق سان ٻڌندا هئا پرهاڻي ان جي بدران مڪتب المدينہ جي طرفان جاري ٿيندڙ سنتن ڀريا بيان ٻڌندا آهن.

عطائے حبیبِ خدا مَدنی ماحول ہے فَیضانِ غَوث و رضا مَدَنی ماحول

سنور جائیگی آخرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

سلامت رہے یا خدا مَدَنی ماحول بچے نظرِبد سے سدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلام جون بهارون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!جيئن جيئن زمانو گزرندو پيو وڃي اسلام جي شان ۽ عظمت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو پيو وڃي، اڄ بہ اسلام، واٽ کان ڀٽڪندڙ ۽ ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪيل ماڻهن کي ڪفر جي گند مان ڪڍي انهن کي پنهنجي دامنِ ڪرم ۾ وٺي رهيو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول، عاشقانِ رسول جي صحبت ۽ انفرادي ڪوشش ۽ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ جي برڪت سان بہ ڪيترائي غير مسلم ڪفر کان توبھ ڪري اسلام ۾ داخل ٿي رهيا آهن. اڄو ان ضمن ۾ ڪجھ ايمان افروز جهلڪيون ملاحظ ڪيو، جيئن

برّ اعظم افريقہ جي هڪ ملڪ زمبيا جي دارالخلافہ لساڪا (Lusaka) جي ڪموالا (kamwal) جيل ۾ 2004 ۾ درسِ فيضانِ سنت ۾ بيان ڪيل درود پاڪ جا فضائل ٻڌي 25 غير مسلم قيدي دولتِ اسلام سان مشرف ٿيا. (25ڪرسچن قيديوں اور پادری کا قبول اسلام،ص3،2ملخصاً) U.K (انگلنڊ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ غير مسلم تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي مڪتبة المدينہ کان جاري ڪيل V.C.D بنام”بين الاقوامي اجتماع ۽ اجتماعي اعتڪاف“ تحفي ۾ ڏني، ان غير مسلم جڏهن اها وي، سي، ڊي ڏٺي تہ بين الاقوامي اجتماع ۽ اجتماعي اعتڪاف جي منظر ۽ ديدارِ امير اهلسنت جي برڪت سان اهو ايتري قدر متاثر ٿيو جو اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. (کرسچن مسلمان ہوگیا،ص۷،۸ملخصاً) هند جو هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو پهريان ڪفر جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هو، هڪ ڏينهن ڪنهن ان کي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو رسالو ”احترامِ مسلم“ تحفي ۾ ڏنو ان پڙهيو تہ اسلام جي محبت ان جي دل ۾ گهر ڪري وئي، پوءِ ڪجھ ڏينهن کان بعد مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول بہ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي اسلام جي دعوت ڏني. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رسالي ”احترامِ مسلم“ جي مطالعي ۽ عاشقانِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان اهو بہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. (تعارفِ امیراهلسنت،ص 25، 24 ملخصًا)

باب الاسلام (سنڌ) جي شهر نواب شاهه سانگهڙ روڊ جو مقيم اسلامي ڀاءُ پهرين قادياني مذهب سان تعلق رکندو هو، ان جا ڪجهه دوست جيڪي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ۽ سنتن جا پيڪر هئا، اهي اسلامي ڀائر ان تي انفرادي ڪوشش ڪندا رهندا هئا آخرڪار هو هفته وار سنتن ڀري اجتماع ۾ اچي ويو، مبلغِ دعوت اسلامي جو بيان، ذڪرالله ۽ درودِ پاڪ جي صدائن ان کي ايتري قدر متاثر ڪيو جو اهو هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي ذريعي قادياني مذهب کان توبهه ڪري اسلام جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي ويو، ان گهروارن تي انفرادي ڪوشش ڪئي ته اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي انفرادي ڪوشش سان گهر جا 13، ڦُڦي جي گهر جا 17 ۽ سوٽ جي گهر جا 12 ڀاتي به قادياني مذهب کان توبهه ڪري مسلمان ٿي ويا. (بیرونئچی کی توبہ،ص۲۴،۲۵)

## معاشرتي لحاظ کان اسلامي رهنمائي جا روشن پهلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معاشري ۾ رهڻ وارن مان انسان جو سڀ کان وڌيڪ جن سان واسطو پوندو آهي اهي ان جا پاڙيسري (Neighbours) آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلام جو انسانيت تي اهو تمام وڏو فضل ۽ احسان آهي جو ان پاڙيسرين سان به سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم فرمائي پنهنجي مڃڻ وارن کي هڪ ٻي جي عزت ۽ ناموس جو محافظ بڻائي ڇڏيو. اچو! فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روشني ۾ اسان ٻڌون ٿا ته اسلام پاڙيسرين جي باري ۾ اسان جي ڪهڙي رهنمائي فرمائي آهي ۽ اسان تي انهن جي حقن جي بجاآوري ڪيتري قدر لازم ۽ ضروري آهي جيئن

ارشاد فرمايائون: ڇا توهان کي معلوم آهي ته پاڙيسريءَ جو ڪهڙو حق آهي؟ هي ته جڏهن اهو توهان کان مدد گهري ان جي مدد ڪريو، جڏهن قرض گهري ان کي قرض ڏيو، جڏهن مُحتاج ٿئي ته ان کي ڏيو، جڏهن بيمار ٿئي ان جي عيادت ڪريو، جڏهن ان کي خير پهچي ته مبارڪ باد ڏيو ۽ جڏهن مُصيبت پهچي ته تعزيت ڪريو ۽ مري وڃي ته ان جي جنازي سان گڏ وڃو، بغير ان

جي اجازت جي پنهنجي عمارت بُلند نہ ڪريو جو ان جي هوا روڪي ڇڏيو، پنهنجي ديڳڙي سان ان کي تڪليف نہ ڏيو پراهو تہ ان مان ڪجھ ان کي بہ ڏيو ۽ ميوا خريد ڪيو تہ انهن کي بہ هديو ڪريو ۽ جيڪڏهن هديو نہ ڪرڻو هجي تہ لڪائي گھر آڻيو ۽ توهان جا ٻار ان کي ڪڻي ٻاهر نہ نڪرن جو پاڙيسري جي ٻارن کي ايذاء ٿيندو. (شعب الايمان،باب في اكرام الجار،٨٣/٧،حديث: ٩٥٦٠ )

ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جو قسم! اهو (ڪامل) مومن نہ ٿيندو، الله پاڪ جو قسم! اهو (ڪامل) مومن نہ ٿيندو، الله پاڪ جو قسم! اهو (ڪامل) مومن نہ ٿيندو. عرض ڪيو ويو ڪير؟ يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!ارشاد فرمايائون: اهو شخص جنهن جو پاڙيسري ان جي شرارتن کان بي خوف نہ هجي. (بخاري، كتاب الادب،باب اثم من لايامن جاره بوائقه ، ٤/ ١٠٤، حديث: ٦٠١٦)

بيان ڪيل حديث سڳورين ۾ انهن نادانن جي لاءِ عبرت جا مدني گل موجود آهن جيڪي پنهنجي سُڪون خاطر پنهنجي ئي پاڙيسرين جي ڪم اچڻ بدران منهن موڙي، گاڏي بيهاري، گندو پاڻي ڇڏي ، ڪڏ ڪوٽي، چبوترو وڏائي، قناتون لڳائي يا ٻين طريقن سان انهن کي تڪليف ڏيڻ ۾ ڪا شرمندگي (Shame) يا حرج محسوس نٿا ڪن، يقيناً انهن جو اهو رويو اسلامي تعليمات جي خلاف آهي ڇاڪاڻ تہ اسلام تہ پاڙيسرين جي حقن جو سڀ کان وڏو علمبردار آهي ۽ اسان کي اها ئي تعليم ارشاد فرمائي ٿو تہ پنهنجي پاڙيسري جي لاءِ اهو ئي پسند ڪريو جيڪو توهان پنهنجي لاءِ پسند ڪريو ٿا جيئن

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: ان ذاتِ پاڪ جو قسم جنهن جي قَبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! ٻانهو ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي پاڙيسري يا ڀاءُ جي لاءِ اهو ئي پسند نہ ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

(مسلم ،كتاب الاِيمان ، باب الدليل علي ان من خصال الايمان...الخ،حديث: ۴۵،ص۴۷)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جون مبارڪ زندگيون

اسلامي طور طريقي سان سينگاريل هيون، اهو ئي سبب آهي تہ اهي حضرات پنهنجي پاڙيسرين جي خير خبر لهڻ ۾ هميشہ اڳڀرا رهندا هئا. اچو! ترغيب لاءِ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظہ ڪريو جيئن

## خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ پاڙيسرين جا حق

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”بہتر کون؟“ جي صفحي نمبر 62 تي آهي تہ حضرت سَيِّدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پاڙيسرين جو گهڻو خيال رکندا هئا، انهن جي خبر چار لهندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن پاڙي واري جو انتقال ٿي وڃي تہ ان جي جنازي سان گڏ ويندا هئا ان جي تدفين کان پوءِ جڏهن ماڻهو واپس موٽندا هئا تہ پاڻ اڪيلا ان جي قبر وٽ ان جي لاءِ بخشيش ۽ نجات جي دعا ڪندا هئا ۽ ان جي گهروارن کي صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ انهن کي تسلّي ڏيندا هئا. (بهتر کون،ص٦٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## احڪامن جي حوالي سان اسلامي قانون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاشري کي فتني ۽ فساد ۽ خون ريزي کان بچائڻ جي لاءِ اسلامي نظام جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ اسلامي احڪام برادرين جي لحاظ کان ناهن بدلجندا ۽ نہ ئي ڪنهن جي رتبي ۽ مقام جي ڪري انهن ۾ تبديلي ٿيندي آهي بلڪ امير ۽ غريب، سفيد ڪاري، عربي عَجمي سيني جي لاءِ اسلام جا احڪام برابر (Equal) آهن جنهن جو اندازو هن روايت مان لڳايو، جيئن

حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: قريش، هڪ مخزومي عورت جي باري ۾ نهايت ئي پريشان هئا جنهن چوري ڪئي هئي، ماڻهن چيائون تہ هن جي باري ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گفتگو ڪير ڪري؟ ڪجهہ ماڻهن چيو تہ حضرت سَيِّدُنا اُسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي علاوه اهڙي جُرئت ڀيو ڪير ڪري سگهي ٿو ڇوتہ هو حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا لاڏلا

آهن. جڏهن حضرت سَيدُنا اُسامہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هن باري ۾ حضور انور، شافعِ محشر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گفتگو ڪئي تہ پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا تون الله پاڪ جي حدن جي باري ۾ سفارش ڪري رهيو آهين؟ پوءِ پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بيهي ڪري خطبو ڏنائون ۽ ارشاد فرمايائون: بيشڪ توهان کان پهريان ماڻهو ان ڪري هلاڪ ٿيا هئا تہ جڏهن ڪو مالدار چوري ڪندو هو تہ ان کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جڏهن ڪو غريب ماڻهو چوري ڪندو هو تہ ان تي حد قائم ڪندا هئا. الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن محمد جي نياڻي فاطمہ بہ چوري ڪري ها تہ مان ان جو هٿ ڪپي ڇڏيان ها.

(بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب٥٦، ٢/٤٦٨،حديث: ٣٤٧٥)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ مدرسة المدينہ بالغان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! مجرمن جي باري ۾ اسلامي قانونن جي مطابق فيصلو ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ جي معاملي ۾ اسلام ڪا بہ رايا نٿو رکي، بلڪ هن دين ۾ عدل ۽ انصاف جي سمورن تقاضن کي پورو ڪيو ويندو آهي.ربّ ڪريم جو ڪروڙين ڪروڙ احسان آهي جو جنهن اهڙي اُصول پسند ۽ عظيمُ الشّان دين جي دعوت کي عام ڪرڻ جو عظيم فريضو سرانجام ڏيڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي کي شرف بخشيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دينِ اسلام جي خدمت جي جذبي تحت ڪم و بيش 104شُعبا قائم ڪيا آهن، انهن مان هڪ ”مجلس مدرسة المدينہ بالغان“ بہ آهي. جنهن جي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مدرسة المدينہ بالغان جو تعداد تقريباً 13853 (تيرهن هزار اٺ سو ٽيونجاهہ) ۽ پڙهڻ وارن جو تعداد تقريباً 89043 (اوڻانوي هزار ٽيتاليهہ) آهي. مدرسة المدينہ بالغان جي ذريعي بالغ (وڏي عمر جي) اسلامي ڀائرن کي مختلف هنڌن (مثال طور مسجدن، دفترن، مارڪيٽ، دُڪان وغيره) ۽ مختلف وقتن ۾ درست مخارج جي ادائگي سان گڏ مدني قاعدو ۽ قرآنِ ڪريم في سبيل الله پڙهايو ويندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! مدرسة المدينہ بالغان جي ڪم و بيش63 منٽ جي جدول ۾ ڪتاب ”نماز جا احڪام“ مان نماز، غسل، وضوء نمازِ جنازه، سُنّتون سکائڻ، ”مدني درس“ ڏيڻ، ”فرض علوم“ تي مشتمل بيانات ٻڌڻ، ” دُعا“ ياد ڪرائڻ ۽ آخر ۾ مدني انعامات جي رِسالي مان” فڪرِ مدينہ“ ڪرڻ ڪرائڻ بہ شامل آهي.

اچو! نيت ڪريو تہ تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪنداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندا سين. هتن کي مٿي ڪري وڏي آواز سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معاشي لحاظ کان اسلامي رهنمائي جا روشن پهلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واپار هڪ مقدّس پيشو آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلَام جي پياري پياري سُنّت بہ آهي، جنهن ۾ ڪوڙ ساريون برڪتون رکيون ويون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ واپاري معاملن کي درست طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي لاءِ اسلام ۾ اسان جي لاءِ واضح احڪام موجود آهن تنهنڪري جيڪڏهن واپار سان وابستہ ماڻهو هنن احڪامن کي سکي انهن جي روشني ۾ واپار جو فريضو ادا ڪن تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ انهن کي دنيا ۽ آخرت جون تمام گهڻيون ڀلائيون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون. اچو! هن باري ۾ بہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌو، جيئن

(1) ارشاد فرمايائون: بيشڪ گناهن مان ڪجهہ گناهہ اهڙا آهن جن کي رزق جي طلب جو ارادو ئي مٽائي سگهي ٿو. (معجم اوسط،من اسمه احمد،حديث۱۰۲،۱/۴۲ملتقطاً)

(2) ارشاد فرمايائون: سچو امانت دار واپاري (بروزِ قيامت) انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلَام، صديقن ۽ شهيدن رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیهِمْ اَجْمَعِین سان گڏ هوندو. (ترمذي،ڪتاب البيوع،باب ماجاء في التجار ...الخ،۳/۵،حديث: ۱۲۱۳)

حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ بيان ڪيل ٻي حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو ته ٻين پيشن کان واپار اعليٰ پيشو آهي، پوءِ واپار ۾ اناج جو، پوءِ ڪپڙي جو، پوءِ عطر جو واپار افضل آهي. ضرورياتِ زندگي ۽ ضرورياتِ ديني جو واپار ٻين واپارن کان بهتر ۽ سچو واپاري مسلمان وڏو خوش نصيب آهي جو ان کي نبين، ولين سان گڏ حشر نصيب ٿيندو آهي. (انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلَام، صديقن ۽ شهيدن رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیهِمْ اَجْمَعِین سان گڏ هئڻ جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب لکن ٿا:) پر اها همراهي اهڙي هوندي جيئن خادمن کي آقا سان گڏ همراهي ملندي آهي اهو مطلب نه آهي ته اهو واپاري نبي بڻجي ويندو، سنو واپاري ٿاجوَر (بادشاهه) آهي بُرو واپاري فاجر (گناهگار) آهي. (مرآة المناجيح،۴/۲۴۴)

مال ۾ملاوٽ ڪرڻ وارن، گهٽ تورڻ وارن، واپار ۽ ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائي مال وڪڻڻ وارن کي سمجهائيندي امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه نصيحت جا مدني گل عطا فرمائن ٿا:

اے ملاوٹ کرنے والے مان جا خوف کر بھائی عذابِ نار کا

چھوڑ دو اے تاجرو! کم تولنا جھوٹ چھوڑو بیچنے میں بولنا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! شريعت مطابق واپار ڪرڻ سان ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن پر افسوس! علمِ دين کان دوري ۽ راتو رات مالدار بڻجڻ جا سهانا خواب ڏسڻ جي نامناسب سوچ جي سبب هاڻي واپار (Trade) جهڙو مقدس ترين پيشو مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪوڙ، غيبت، چغلي، بهتان بازي، نقصان پهچائڻ، حسد جي باهه ۾ سڙي بندش ۽ ڪارو جادو ڪرائڻ، بدنگاهي، وعده خلافي، مفاد پرستي، ڌوڪو ڏيڻ، لالچ، وياج خوري، رشوت جي ڏيتي ليتي، حرام خوري، ڪوڙا قسم کڻڻ ۽ مصنوعي مهنگائي ڪرڻ سميت سوين قسمن جي برائين جو مجموعو بڻجي چڪو آهي. غالباً اهو اسلامي تعليمات ۽ واپار جي بنيادي مسئلن کان پاسو ڪرڻ جو ئي نتيجو

آهي. واپاري ڏيتي ليتي جي حوالي سان صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان جو زمانو انتهائي شاندار هو ڇوته انهن جي مبارڪ زماني ۾ صرف انهيءَ واپاري کي بازار ۾ اچڻ جي اجازت هوندي هئي جيڪو عالِم هجي ۽ وياج جي گناه کان بچندو هجي جيئن امير المؤمنين حضرت سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائيندا هئا ته اسان جي بازار ۾ اهو ئي شخص اچي جيڪو دين ۾ فقيه يعني عالم هجي، جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته اهو وياج کائڻ ۾ مبتلا ٿي ويندو.

(تفسيرقرطبي،پ۳ البقرة، تحت الاية:۲۷۵،الجزء الثالث،۲/۲٦٧)

اهڙي طرح صحابہ جي زماني کان بعد ايندڙ بزرگ سڳورن رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھِمْ اَجْمَعِین جي زندگي به خاص ڪري تاجربرادري جي لاءِ مشعلِ راه آهي ڇوته اهي حضرات جتي اعليٰ درجي جا عابد ۽ زاهد هئا اتي مدني ذهن رکڻ وارا سچا ۽ امانت دار واپاري به هئا جو جن جو واپار مڪمل طور اسلامي اُصول ۽ قانونن جي مطابق هو ۽ حرص ۽ لالچ جي بدبوءَ کان پاڪ هو. اچو! ترغيب خاطر هڪ ايمان افروز حڪايت پڙهو، جيئن

## بُزُرگانِ دِين جي واپار جو اَنداز

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي باري ۾ منقول آهي ته هو ''واسط'' نالي هنڌ تي هئا انهن ڪٽڪ سان ڀريل هڪ ڪشتي بصره شهر ڏانهن موڪلي ۽ پنهنجي وڪيل کي لکيائون: جنهن ڏينهن اهو ڪاڻو بصره پهچي انهيءَ ڏينهن ان کي وڪڻي ڇڏجان ۽ بعد واري ڏينهن تائين دير نه ڪجان. اتفاقاً اتي اَگهه (Rate) گهٽ هو ته واپارين ان جي وڪيل کي مشوره ڏنو ته جيڪڏهن اوهان ان کي جمعي جي ڏينهن تائين ڇڏيو ته ان ۾ ٻيڻو فائدو ٿيندو. پوءِ ان جمعي تائين انتظار ڪيائين ۽ وڪرو نه ڪيائين پوءِ ان ۾ تمام وڌيڪ فائدو ٿيو. وڪيل اهو واقعو مالڪ کي لکي موڪليو ته انهن وڪيل کي خط لکيو: اي فلاڻا! اسان پنهنجي دين جي سلامتي سان ٿوري فائدي تي ئي قناعت ڪندا آهيون پر تو ان جي خِلاف ڪيو. اسان کي اهو پسند ناهي ته اسان کي ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ فائدو ٿئي پر ان جي بدلي اسان جي دين مان ڪا شيءِ هلي وڃي

(يعني اسان کي ديني ۽ اُخروي نُقصان پهچي) تنهنڪري جڏهن توهان وٽ منهنجو هي خط پهچي تہ اهو سمورو مال ڪٽي بصره جي فقيرن تي صدقو ڪري ڇڏجانءِ. شايد ائين ڪرڻ سان مان ذخيرو ڪرڻ جي گُناهہ کان نَجات ماڻي سگهان ۽ نہ مون کي (اُخروي) نقصان ٿئي ۽ نہ ئي (دُنيوي) فائدو. ( احياء العلوم الدين،٢/٩٣)

الله پاڪ اسان کي بہ انهن نيڪ هستين جي صدقي امت جي خير خواهي جو جذبو نصيب فرمائي. اي ڪاش! الله پاڪ جي راهہ ۾ پنهنجو مال اخلاص سان خرچ ڪرڻ جو جذبو ملي وڃي، اچو ملي ڪري بارگاهِ مصطفٰي ۾ استغاثو پيش ڪريون ٿا.

ميں سب دولت رہِ حق ميں لُٹا دوں شہا ايسا مجھے جذبہ عطا ہو

سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان! اسان جي بزرگن جي واپار جو انداز ۽ طرزِ معيشت ڪيتري قدر نرالو هو. بيشڪ اسلامي تاريخ جا ورق اهڙن باڪردار ماڻهن جي واقعن سان ڀريل آهن جيڪي نہ صرف پنهنجي ذاتي مُعاملات بلڪ واپاري مصروفيات ۾ بہ ايثار ۽ ڀلائي ۽ مسلمانن جي خير خواهي کي اپنائيندي اسلام جي مَعاشي اصولن تي مظبوط ٿي رهيا، شايد اهو ئي سبب آهي جو انهن جي دور جي مَعاشي خوشحالي پنهنجو مثال پاڻ هئي، بهرحال جيڪڏهن واپاري ماڻهو لالچ جي چڪرن کان نڪري شريعت جي مقرر ڪيل اُصولن ۽ قانونن جو پاڻ کي پابند بڻائين ۽ هنر ۽ و پار جي مُعاملي ۾ الله وارن جي پيروي ڪن تہ مُعاشري ۾ هڪ شاندار خوشحالي آڻي سگهي ٿي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل تي ”احڪامِ تجارت“ جي نالي سان هڪ معلوماتي سلسلو بہ نشر ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عاشقانِ رسول جي مدني تربيت جي لاءِ مختلف شرعي احڪامن تي مشتمل علمِ دين سان مالا مال جواب ڏنا ويندا آهن، واپاري اسلامي ڀائرن جي لاءِ هي سلسلو تمام وڏي نعمت آهي جو گهر ۾ دڪان ۾/ دفتر ۾ ويٺي ويٺي واپار سان متعلق ڪيئي مسئلن جي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن

سلسلي جي برڪت سان علمِ دين حاصل ٿيڻ سان گڏو گڏ پنهنجي ڪارو بار ۾ ٿيندڙ شرعي غلطيون بہ دور ٿينديون، علمِ دين سکڻ جي برڪت سان ڪاروبار ۾ بہ برڪت ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## منڊي پائڻ جون سُنّتون ۽ آداب

اچو! شَيخِ طَرِيقت، اَمِيرِاَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گُل" مان منڊي پائڻ جون ڪجهه سُنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. ◈ مرد ڪي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي ـ سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي . (بخاري،۴/ ۶۷ ، حديث: ۵۸۶۳) ◈ (نابالغ) ڇوڪر کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو. (بهارِ شريعت،۳/۴۲۸،دُرِّمُختارو رَدُّالْمُحتار،۹/۵۹۸)، ◈ لوهہ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي. (ترمذي، ۳/ ۳۰۵،حديث:۱۷۹۲) ◈ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٿي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي (رَدُّالْمُحتار،۹/۵۹۷)◈ بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي،

چلو آهي ◈ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ ڏاتو(سون چاندي لوهه ٽامو وغيره) جو ڪڙو يا ڏاتو جو چلو، ناجائز منڊي يا ڏاتو جي زنجير (Chain) پائي رکي آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڪري توبهه ڪريو ۽ آئنده نہ پائڻ جو عهد بہ ڪيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتہ وار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!آئنده **هفتہ وار اِجتماع** ۾ اسان "تبرڪن جي برڪتن" جي باري ۾ ٻڌينداسين. جنهن ۾ اسان تبرڪن ۽ ان جي ثبوت ۾ بہ قرآني واقعا ٻڌنداسين، صحابہ ڪرم عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس تبرڪن جي ڪهڙي تعظيم ڪندا هئا، هن تعلق سان بہ ڪجهہ واقعا بيان ڪيا ويندا. تبرڪن جي تعظيم جي فائدن ۽ تبرڪن جي بي ادبي جي نقصانن کي بہ بيان ڪيو ويندو. ان کان علاوه مدني تربيت جي مدني گلن جي مدني مهڪ سان دل ۽ دماغ کي بہ معطرڪنداسين. الله ڪري تہ اسان سڄو بيان توجهہ سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهون.

تنهنڪري آئنده جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِالهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[2]...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغیب والترھیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعیة،باب فی کیفیة الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305